جون-98

وِڦَڻ ويڄن وَٽِ، جي سِڪين تہ سَگهو ٿيِن (شاهہ)

# MONTHLY WAIJ KARACHI

# ماهوار ويڄ ڪراچي

ABC CERTIFIED

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

## THE MAGAZINE ABOUT HEALTH, BEAUTY AND ENVIRONMENT



## گهريلو گند ڪچري کي ساڙڻ يا مٽي ۾ پورڻ سان بيمارين کي روڪي سگهجي ٿو

جراثيم مکين سان پکڙجندا آهن ۽ مکيون کائڻ پيئڻ جي پاروٿين شين، ميوات ۽ گندين جڳهين تي بيضا لاهينديون آهن. هر گهر ۾ هڪ کڏ هئڻ ضروري آهي جنهن ۾ انهي گندگي کي پوري ڇڏجي يا وري ڪنهن بند دٻي ۾ اڇلائي ۽ مناسب وقت تي اُن کي ساڙي ڇڏجي.

## فورم ميمبرن جي معلومات لاءِ

**پئدائش کانپوءِ جيترو جلدي ممڪن ٿي سگهي ٻار کي ٿڃ پيارڻ شروع ڪجي. عملي طور تي هر ماءُ ٻار کي کير پياري سگهي ٿي**

● ٻار جي پئدائش کان پوءِ هڪدم ٿڃ پيارڻ سان کير ۾ اضافو ٿئي ٿو جيڪڏهن ممڪن هجي ته پئدائش جي پهرين ڪلاڪ کان وڌيڪ دير نه ڪجي.

● ڪجهه جڳهن تي مائرن کي مشورو ڏنو ويندو آهي ٻار جي پئدائش کان پوءِ ڪجهه پهرين ڏينهن لاءِ ايندڙ زردي مائل کير ٻارن کي نه پيارين، اهو مشورو بلڪل غلط آهي. زردي مائل کير ٻارن لاءِ مفيد آهي ۽ کين ڪيترن ئي بيمارين کان محفوظ رکي ٿو. جڏهن ٻار ماءُ جي کير لهڻ جي انتظار ۾ هجي ته کيس ڪاڏي پيتي جي ڪنهن به شئي ڏيڻ جي ضرورت نه آهي.

● نئين مائرن کي ٻار کي کير ڏارائڻ شروع ڪرڻ لاءِ مدد جي ضرورت پوندي آهي ان صورت ۾ تجربيڪار ۽ شفيق عورت عام مسئلہ ۽ مشڪلات حل ڪرڻ ۾ ماءُ جي مدد ڪري سگهي ٿي.

● سڀ مائرون پنهنجن ٻارن کي مناسب مقدار ۾ کير پياري سگهن ٿيون جيڪڏهن:-

* ٻارن جي پوزيشن هنج ۾ صحيح هجي.
* ٻار کي ڏينهن رات ۾ ايترا دفعا کير ڏارائجي جيترا دفعا گهري.

● کير ڏارائڻ لاءِ ماءُ جي ڇاتي تي ٻار جي پوزيشن وڏي اهميت رکي ٿي غلط پوزيشن ۾ ڏارائڻ سان هيٺيان مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا.

* ڇاتي ۾ سور يا زخمي ٿيڻ.
* کير جو گهٽ اچڻ.
* ٻار جو کير ڏارائڻ کان انڪار ڪرڻ.

● کير ڏارائڻ لاءِ ٻار کي ليٽائڻ جو صحيح طريقو.

* ٻار جو سڄو جسم ماءُ ڏانهن مڙيل هجي.
* ٻار آرام سان ۽ خوش ليٽل هجي.
* کير ڏارائڻ وقت ماءُ کي سور محسوس نه ٿي.

● ٻار جو روئڻ ان ڳالهه جي علامت نه آهي ته کيس مصنوعي کاڌي جي ضرورت آهي عام طور تي سمجهيو ويندو آهي ته ٻار کي هنج ۾ کنيو وڃي يا لوڏيو وڃي ڪجهه ٻار صرف مزي لاءِ ماءُ جي ڇاتي ۾ منهن هڻندا آهن. متواتر کير ڏارائڻ سان ماءُ جي کير ۾ اضافو ٿئي ٿو.

● اهڙيون مائرون جن کي پنهنجي کير ڪافي نه هجڻ جو يقين هوندو آهي پهرين مهينن ۾ ئي ٻار کي کاڌي پيتي جون ٻيون شيون ڏينديون آهن ۽ اهڙي طرح ٻار کي کير پيئڻ جو گهٽ موقعو ملندو آهي ۽ کير گهٽ پيدا ٿيندو آهي ان عادت کي ختم ڪرڻ لاءِ مائرن جي يقين کي پڪو ڪرڻ جي ضرورت آهي ته هو پنهنجي ٻار کي صرف کير تي نپائي سگهن ٿيون.

● نوڪري ڪرڻ واري عورت کي ويم دوران موڪل، ڪم دوران ٻار کي ڏارائڻ جا وقفا ۽ ڪم جي جڳهه ويجهو ٻار جي سارسنڀال لاءِ مرڪزن جي ضرورت آهي ان سلسلي ۾ ملازمت فراهم ڪرڻ وارا ادارا ۽ تجارتي تنظيمون اهڙيون سهولتون فراهم ڪري مناسب ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون.

---

صحت بابت نيون نڪور ۽ تازيون خبرون پڙهو
**هفتيوار هيلٿ ٽائيمز (انگريزي، اردو) جو مطالعو ڪريو**

# ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

ماهوار ويچ جتي پڙهيل لکيل ماڻهن کي صحت جي ڄاڻ لاءِ ڪوشان آهي اتي هن ديس جي اڻ پڙهه ۽ اڻوجهه ماڻهن کي بہ صحت جي بنيادي سکيا ڏيڻ ۽ بيمارين کان بچاءَ جي واٽ ڏيکارڻ جو عزم ڪري ٿو.

ان سلسلي ۾ اسان هيٺ ڄاڻايل متن ۽ مقصدن سان "ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم" جي شروعات ڪري رهيا آهيون.

1- ڪوبہ اهڙو فرد (عورت يا مرد) جيڪو ماهوار ويچ جون لکيون پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو سو هن فورم جو ميمبر ٿي سگهي ٿو.

2- اهڙو فرد جيڪو ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جو ميمبر ٿيندو اهو عام ماڻهو جيڪي ويچ کان مانوس نہ آهن يا وري لکي پڙهي ڪونہ ٿا ڄاڻن، تن کي ويچ مان حاصل ڪيل صحت جي ڄاڻ جو پيغام پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو.

3- ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم ۾ ڪوبہ ڊاڪٽر / نرس / ڊسپينسر / شاگرد يا عام ماڻهو چاهي اهو مرد هجي يا عورت، بنا ڪنهن امتياز ۽ فيس جي ميمبر ٿي سگهي ٿو. اهڙن ميمبرن کي هيٺ ڏنل حلف نامو ۽ ميمبري جو فارم ڀري اداري کي موڪلڻو پوندو. سندس ميمبر شپ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ماهوار ويچ جي ايندڙ شماري ۾ سندس نالي جو اعلان ڪيو ويندو.

4- ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جي ميمبرن کي ماهوار ويچ ذريعي متحد رکيو ويندو ۽ سندن صحت بابت ڄاڻ کي وڌايو / تازو ڪيو ويندو.

5- فورم جي باقائده منظم ٿيڻ کانپوءِ ميمبرن جي ساليانی گڏجاڻي پڻ سڏائي ويندي.

هن مقصد سان متفق ساٿين کي گذارش آهي تہ هيٺيون فارم ڀري اداري کي هيٺين ائڊريس تي موڪلين.

## ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم

معرفت ماهوار ويچ : ڪمرو نمبر 53، پهرين ماڙ، بلاڪ-اي، معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ، جي. پي. او باڪس نمبر 568، ڪراچي.

---

# ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم
## حلف نامي تي عزم

آءٌ ______________________ پٽ / ڌيءَ / زال ______________________

پنهنجي رضا خوشي ۽ هوش حواس سان ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جو / جي ميمبر ٿيان ٿو /ٿي. آءٌ ان ڳالهہ جو اقرار ٿو / ٿي ڪريان تہ بنان ڪنهن غرض، لالچ ۽ وڏائي / ننڍائي جي پنهنجي ڄاڻ ۽ وس آهر عام ماڻهو تائين صحت جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندس / پتوڙينديس.

ميمبر جي صحيح

---

# ذاتي تفصيل

نالو ______________________ پيءُ / مڙس جو نالو ______________________

ذات ______________________ ڌنڌو ______________________

تعليم ______________________

پيون مصروفيتون ______________________

ائڊريس: ______________________

______________________

ميمبر جي صحيح

---

نوٽ: هن فارم جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي بہ استعمال ڪري سگهجي ٿي.

# ١٢ سوال پنهنجي ڊاڪٽر کان ضرور پڇو

دوائون بيمارين کان ڇوٽڪارو ڏين ٿيون يا تڪليف ڏيندڙ علامتن (Symptoms) ۾ آساني پيدا ڪن ٿيون. تنهن هوندي به هر وقت ۽ هر ڪنهن تڪليف لاءِ دوا ضروري ڪونهي. نه ڪو تندرستي ماڻهو لاءِ دوا جو کائڻ هرويرو ضروري امر آهي. دوائون توهان کي نقصان به پهچائي سگهن ٿيون، خاص ڪري تڏهن، جڏهن توهان ڪا غلط دوا يا گهڻيون دوائن جي لپ ڪائي بي فڪرا ٿي سمهي پئو.

**ڊاڪٽر رڳو دوائون لکڻ جي مشين نه پر توهان جو دوست به آهي. تنهنڪري دوا لکرائڻ يا وٺڻ کان اڳ ڪانئس ضرور پڇو.**

(؟) ● دوا جو نالو ڇا آهي ۽ انجا اثرائتا جزا ڪهڙا آهن؟

(؟) ● آئون پيٽ سان آهيان يا ٻار کي ٿڃ پياريندڙ ماءُ آهيان- اهڙي حالت ۾ ڇا مون کي دوا واپرائڻ گهرجي.؟

(؟) ● هيءَ دوا ڪهڙو عمل / اثر ڪندي- ڇا انهيءَ جي واپرائڻ سان مونکي پنهنجي تڪليف مان ڇوٽڪارو ۽ شفا ملندي؟

؟) ● مون کي هيءَ دوا ڪهڙي وقت ۽ ڪيئن واپرائڻ گهرجي؟

(؟) ● مون کي اها ڄاڻ ڪيئن ٿئي ته دوا مان فائدو آهي؟ مون کي تڏهن ڇا ڪرڻ گهرجي جڏهن دوا ڪو اثر نه ڪري.

(؟) ● مون کي ڪيتري وقت تائين هن دوا کي استعمال ۾ رکڻ گهرجي؟ ڇا مون کي پنهنجي دوا ترت بند ڪري ڇڏڻ گهرجي جڏهن مان سمجهان مون کي شفا ملي آهي؟

(؟) ● عام طرح هن دوا جا هاڃيڪار اثر (Side effects) ڪهڙا آهن. ڇا هن دوا جا ڪي اهڙا به گنڀير هاڃيڪار اثر آهن؟ مون کي اهڙين حالتن ۾ ڇا ڪرڻ کپي جڏهن مون تي اهڙا هاڃيڪار اثر پوڻ لڳن؟

(؟) ● جيڪڏهن آءٌ دوا هڪڙو وقت يا گهڻي وقت تائين کائڻ وساري ڇڏيان تڏهن مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

(؟) ● هن دوا سان گڏ مان ٻيون دوائون به واپرايان؟ ڇا هيءَ دوا کائي مون کي سائيڪل، موٽر يا ڪابه مشينري هلائڻ کپي؟

(؟) ● ڇا هيءَ دوا واپرائڻ سان مون کي هن دوا جي عادت ٿي پوندي؟

(؟) ● جيڪڏهن مان هيءَ دوا کائڻ ڇڏي ڏيان ته ان جا مون تي ڪهڙا ڪهڙا اثر ٿيندا؟

(؟) ● دوا جي استعمال کانسواءِ (منهنجي تڪليف جا) ٻيا ڪهڙا ڪهڙا طريقا ۽ اپاءَ ٿي سگهن ٿا؟

## 12- Cognifive Psychotherapy

هي طريقہ علاج جيترو دلچسپ ۽ اونهو آهي اوترو ئي فائديمند آهي، هن طريقہ علاج سان مريض جي سوچ، عمل ۽ رويي ۾ "مثبت تبديلي" آڻڻ جي ڪوشش ڪبي آهي، هن ۾ ڪوڙ سچ ڀڏڻو ۽ قبول ڪرڻو پوي ٿو، حالتن سان سمجهوتو ۽ مقابلو ڪرڻ جو رستو ڪڍجي ٿو، ڪوئي متبادل حل ڪڍجي ٿو. هي طريقہ علاج اڪيلو بہ ڪارگر آهي ۽ ٻين سان (مثلن دوائن سان) گڏ بہ استعمال ڪبو آهي. سندس نتيجن بابت هڪ ماهر نفسيات (Beck) جو چوڻ آهي تہ هي طريقو وچولي شدت وارن نفسياتي بيمارين لاءِ ايترو ئي مفيد آهي جيترو دوائون. هن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ صرف سائڪو تراپي سان بہ نفسياتي مريض نيڪ ٿيا آهن.

هن علاج سان نفسياتي حوصلو پيدا ٿئي ٿو ۽ زندگيءَ سان منهن ڏيڻ ۽ سندس لاهن چاڙهن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي، انسان ۾ پختگي پيدا ٿئي ٿي، نااميدي ۽ اداسي گهٽجي ٿي، هن طريقہ علاج سان مريض کي اردگرد جي حالات کان ادراڪ ڪرائبو آهي، مثلن هڪ شاگرد چوي تہ مان بيڪار آهيان، پڙهائي نہ ٿو ڪري سگهان ۽ اداس ۽ غمگين رهي تہ ان کان پڇو تہ ڇا صرف تون ئي ڄڏو شاگرد آهين؟ سڀ ڪان ڄڏو آهين؟ سيني ڪان گهٽ

نفسياتي مسئلن تي سوچ ويچار ٿيندو آهي، مريض کي همٿائبو آهي تہ هو گهڻو ڳالهائي، پنهنجي بيماريءَ متعلق ۽ مسئلن ۽ پريشاني متعلق، ڊاڪٽر ٿورو ڳالهائيندو آهي، گهڻو ٻڌندو آهي، پوءِ همٿائڻ، مشورو ڏيڻ، مدد ڏيڻ، مريض جي انهن مسئلن کي سمجهڻ، ان تي تبصرو ڪرڻ، بحث ڪرڻ، تشريح ڪرڻ، پڪ ڏيارڻ، اهو سڀ ماهر نفسيات جو ڪم آهي.

مارڪون ڪٺندو آهين؟ ڪوئي بہ توکان وڌيڪ بيڪار ۽ ڄڏو ڪونہ آهي؟ اهڙن قسمن جي بحث مباحثي سان سندس حوصلو پيدا ٿيندو.

جيڪڏهن هڪ واپاري بہ اهڙي قسم جي سوچ سان اچي تہ هو ناڪام واپاري آهي تہ ان کي بہ اهڙي قسم جي بحث مباحثي سان قائل ڪبو آهي. اهي سائڪو تراپيءَ جا ننڍا مثال آهن، ائين سمجهو جيئن 5 سيڪڙو.

## 2- دوائون (Chemotherapy)

نفسياتي ۽ ذهني بيمارين لاءِ ڪيتريون ئي دوائون موجود آهن، ڪن دوائن کي نہ

هڪ شاگرد چوي تہ مان بيڪار آهيان، پڙهائي نہ ٿو ڪري سگهان ۽ اداس ۽ غمگين رهي تہ ان کان پڇو تہ ڇا صرف تون ئي ڄڏو شاگرد آهين؟ سڀ کان ڄڏو آهين؟ سيني کان گهٽ مارڪون ڪٺندو آهين؟ ڪوئي بہ توکان وڌيڪ بيڪار ۽ ڄڏو ڪونہ آهي؟ اهڙن قسمن جي بحث مباحثي سان سندس حوصلو پيدا ٿيندو.

رنگ آهي نہ بوءِ نہ ذائقو. تنهن ڪري اهي مريض کي ڪاڌي ۾ وجهي ڏئي سگهجن ٿيون، جيڪڏهن بيمار ظاهري طرح دوا نہ کائي.

اهڙيون بہ سيون موجود آهن جن جو اثر هڪ مهيني تائين هلندو آهي.

دوائون ٺاهڻ بہ هڪ صنعت ٿي چڪي آهي ۽ خاص ڪري دماغ جون دوائون ٺاهڻ وارن جي ڪمپنين جي وچ ۾ مقابلو آهي ۽ ڪوجنا تي زور آهي، نت نيون مفيد دوائون بازار ۾ اچن پيون.

## دوائن جا قسم:-

(الف) چريائپ ختم ڪرڻ (Anti-Psychotic) واريون دوائون ٻن ٽن مهينن تائين کارائڻ سان مريض گهڻو ڪري نيڪ ٿي ويندا آهن ڪن حالتن ۾ ٻن کان پنجن سالن تائين دوا کارائبي آهي.

(ب) اداسي يا مايوسي ختم ڪرڻ واريون (Anti - Depressants) هي دوائون ڇهن کان نون مهينن تائين کارائبيون آهن، سندس اثر تمام سنو آهي، هي دوائون ڪيترن ئي قسمن جون آهن، جنهن ڪري معقول دوا ۽ پورو وزن ۽ پوري عرصي لاءِ وٺڻ لازمي آهي-

(ٻ) مزاج هڪ ڪرو رکڻ واريون (Mood Stabilizer) هي دوائون مزاج جي تکڙين تبديلين کي قابو ۾ رکڻ ۾ ڪم اينديون آهن.

(پ) ڳڻتي ختم ڪرڻ واريون (Anxiolytic) (هي دوائون بہ مفيد آهن. وڏ ۾ وڏ ڇهہ هفتن لاءِ استعمال ڪبيون آهن.

(ت) مددگار دوائون:- نفسياتي مريضن جو علاج ڪرڻ لاءِ ٻين دوائن کان بہ

مدد ورتي ويندي آهي.

## 3- سلوڪ وارو علاج- (Behaviour Therapy)

هي علاج ڪجھہ عجيب غريب ۽ نئون آهي، پر يقيناً فائدي وارو آهي، هي طريقو شرابجو نشو ڇڏائڻ، ٻي ڪا بري جنسي عادت ڇڏائڻ جي ڪم اچي ٿو. هن علاج جو هڪ حصو (Bio - Feed Back) بہ آهي جنهن سان بلڊ پريشر اڌ متي جو سور ۽ ڳنتي جو علاج ڪبو آهي. هن علاج جو ٻيو حصو بہ آهي، مثلاً هڪ ماڻهو ڪوِڻ ڳاج ۽ مينهن، طوفان کان ڊڄي ٿو ۽ گهر ڪمري ۾ لڪي وڃي ٿو تہ ان کي زور سان هٿ کان وٺي وسندڙ مينهن ۽ ڳاج ۾ ٻيهاريون تہ سندس ڊپ جو علاج ٿيندو. جيڪو ماڻهو دعوت ۾ وڃڻ کان گهٻرائي ٿو ۽ ٻين ماڻهن سان ملڻ ۽ منهن ڏيڻ کان لهرائي ٿو تہ ان کي باربار دعوت ۾ وڃڻ ۽ ان حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ چئبو تہ سندس بيماريءَ جو علاج ٿي سگهندو. هن طريقہ علاج جا ٻيا بہ انيڪ طريقا آهن.

## 4- بجلي وسيلي علاج

E.C.T

هي طريقہ علاج ڪيترن سالن کان رائج

آهي ۽ اثر انداز بہ. ڪن ڪن حالتن ۾ صرف هي طريقو ئي ڪم اچي ٿو ۽ پنهنجا سٺا نتيجا ڏيکاري ٿو، مثلن هڪ مريض کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏئي ٿو ۽ ڳالهائي بہ نہ

نفسياتي ۽ ذهني بيمارين لاءِ ڪيتريون ئي دوائون موجود آهن، ڪن دوائن کي نہ رنگ آهي نہ بوءِ نہ ذائقو، تنهن ڪري اهي مريض کي ڪاڏي ۾ وجهي ڏئي سگهجن ٿيون، جيڪڏهن بيمار ظاهري طرح دوا نہ کائي.

ٿو، اهڙن مريضن کي بجليءَ جا سنها جهٽڪا ڏئي علاج ڪيو ويندو آهي، اهي ٽن کان ڇهن ڏينهن ۾ کائڻ پيئڻ ۽ ڳالهائڻ شروع ڪندا آهن.

شديد بگڙيل مريض جو علاج بہ هن طريقي سان ٿيندو آهي. خودڪشي ڪندڙ ۽ اهڙي خواهش رکندڙ مريض جو علاج بہ هن طريقي سان ڪبو آهي ۽ سندس خودڪشي ڪرڻ وارا خيالات ختم ٿي ويندا آهن.

هن علاج جو ڪوبہ نقصان نہ آهي نہ ئي ڪو دماغ کي عارضي يا مستقل ضرب اچڻ جو خطرو آهي.

تمام جديد مشين وسيلي هي علاج ٿيندو آهي ۽ مريض کي پهريائين ننڊ ڏيارڻ واري سئي هڻي ويندي آهي ۽ پوءِ بجلي واري مشين سان سندس علاج ڪبو آهي، هن طريقي سان مريض کي ڪا بہ تڪليف نہ ٿيندي آهي ۽ نہ وري ڪيس ڪا خبر پوندي آهي. هن علاج ۾ 10 کان 15 منٽ لڳن ٿا، گهٽ ۾ گهٽو ڪري 6 کان 12 دفعا بجلي لڳائي ويندي آهي.

## 5- هپنوسس (Hypnosis or Catharsis)

هي طريقہ علاج سڀ کان جديد آهي، پر عمدو ۽ عجيب نتيجا ڏيندڙ آهي. هي طريقو نفسياتي تڪليف کي سمجهڻ ۽ ان جو علاج ڪرڻ جو ڪم ڏيندو آهي. نفسياتي بيماريون بہ ختم ٿينديون آهن ۽ لاشعور ۾ موجود مونجهارن جي نيڪالي بہ ٿيندي آهي. هي طريقو لاشعوريءَ جي ائين صفائي ڪندو آهي جيئن جلاب آندي جي صفائي ڪندو آهي.

هڪ ماڻهو ڪوِڻ ڳاج ۽ مينهن، طوفان کان ڊڄي ٿو ۽ گهر ڪمري ۾ لڪي وڃي ٿو تہ ان کي زور سان هٿ کان وٺي وسندڙ مينهن ۽ ڳاج ۾ ٻيهاريون تہ سندس ڊپ جو علاج ٿيندو. جيڪو ماڻهو دعوت ۾ وڃڻ کان گهٻرائي ٿو ۽ ٻين ماڻهن سان ملڻ ۽ منهن ڏيڻ کان لهرائي ٿو تہ ان کي باربار دعوت ۾ وڃڻ ۽ ان حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ چئبو تہ سندس بيماريءَ جو علاج ٿي سگهندو. هن طريقہ علاج جا ٻيا بہ انيڪ طريقا آهن.

# ذيابيطس جي ڪهاڻي تاريخ جي زباني

ڊاڪٽر زمان شيخ

ذيابيطس جو موذي مرض ڪو نئون مرض نہ آهي، ان جي ڪهاڻي صديون پراڻي آهي. ذيابيطس جي باري ۾ پهريون چيل تاريخي مواد (EBERS PAPYRUS) اٽڪل 1500سال ق.م. مصري سلطنت جي دور ۾ مليو. اها حضرت ابراهيم عہ جي زماني جي ڳالهہ آهي ۽ اهو مواد وڻ جي وڏن پنن تي لکيو ويو هو.

لفظ ذيابيطس (DIABETES MELLTUS) پهريون پيرو يوناني ۾ سيلسس (SELLUS) (50 سال ق.م. کان 7 سال عيسوي) استعمال ڪيو جنهن جو مطلب آهي سائفن جنهن ۾ منو پاڻي وهي.

پهرين صدي عيسوي ۾ اربطويس (ARETAEUS) روم جي ڪپا دوسيا (CAPPA DOCIA) جو اهو طبيب هو جنهن هن مرض جو تفصيل سان ذڪر ڪيو. هن پيشاب جي ڪثرت ۽ جسم جي ماس جو پيشاب ۾ ڳرڻ تي زور ڏنو. هن جو لکيل هڪ مشهور جملو آهي. (MELTING DOWN OF FLESH AND LIMBS TO URINE) شايد هن پهرين درجي وارا (TYPE-1) ذيابيطس جا مريض گهٽا ڏٺا هوندا جي سنها ۽ ڪريل هوندا آهن. (TYPE - 2) جا مريض گهڻو ڪري ٿلها متارا هوندا آهن ).

گيلان (GALAN) نالي يوناني طبب 200 - 130 سن عيسوي ۾ لکيو تہ هن بيماري ۾ انسان جا گردا ڪمزور ٿي ويندا آهن ۽ انهن ۾ پاڻي جهلڻ جي صلاحيت ۽ قوت ختم ٿي ويندي آهي. پاڻي جڏهن انساني بدن ۾ گردش ڪندو آهي تہ پنهنجو ڪم صحيح نہ ڪري سگهندو آهي.

229 سن عيسوي ۾ چيني طب ۾ ذيابيطس جو ذڪر ملي ٿو، جتي لکيل آهي تہ هن مرض ۾ پيشاب گهڻا اچن ٿا. چمڙيءَ تي جڳهہ جڳهہ تي پڪريز (ABSCESS) ٿهيو وڃي ۽ پيشاب مٺا اچن ٿا.

**229 سن عيسوي ۾ چيني طب ۾ ذيابيطس جو ذڪر ملي ٿو، جتي لکيل آهي تہ هن مرض ۾ پيشاب گهڻا اچن ٿا. چمڙيءَ تي جڳهہ جڳهہ تي پڪريز (ABSCESS) ٿهيو وڃي ۽ پيشاب مٺا اچن ٿا.**

5 صدي عيسوي ۾ هندوستان جي مشهور ويد سشرتا پنهنجي ناميار ي ڪتاب "سشرتا سمهتا" ۾ مٺي پيشاب جي بيماريءَ جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. هن لکيو تہ اها شاهوڪار ماڻهن جي بيماري آهي. جيڪا چانور، ڪڻڪ، ميدي ۽ اٽي جي ڪثرت سان استعمال جي ڪري ۽ گهٽو ڪائڻ ڪري ٿئي ٿي. هن ۾ پيشاب ماکيءَ وانگر مٺو ٿئي ٿو ۽ ان جو نالو هن "مڌو ماغ" ڏنو.

عرب طبيب ابن سينا (980 - 1037ع) ۾ پنهنجو رايو ڏنو تہ ذيابيطس پنهنجو پاڻ بہ ٿي سگهي ٿي ۽ اها گهڻن ٻين بيمارين جو نتيجو بہ ٿي سگهي ٿي. هن ۾ اڃ گهڻي لڳي ٿي ۽ پيشاب ڪثرت سان اچن ٿا.

مريض جلد ٿڪجيو پوي ۽ هن کي نامردگي ٿيو وڃي. ابن سينا جو خيال هو تہ هن بيماريءَ جو جيري (LIVER) سان لاڳاپو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هن ذيابطيس جا اهڙا مريض ڏٺا هجن جن کي برونز ڊايا بيٽس (BRONZE DIABETES) هجي جنهن کي هيموڪروميٽوسز (HAEMOCHROMATOSIS) پڻ چيو ويندو آهي. هن بيماري ۾ لبلبہ سان گڏ جيرو بہ فولاد جمع ٿيڻ جي ڪري متاثر ٿيندو آهي.

9 صدي عيسوي ۾ يوروپين ڊاڪٽر ولز (WILLS) - 1621 1675 ع پيشاب جي مٺاڻ جو رت سان تعلق ظاهر ڪيو. ان کان تقريباً 100 سال پوءِ ڊابسن (DOBSON) 1776ع ۾ اهو ٻڌايو تہ اها مٺاڻ کنڊ جي ڪري آهي ۽ گلوڪوز کي رت ۾ ثابت ڪرڻ لاءِ اڃا بہ 50 ورهيہ لڳي ويا.

ان وچ ۾ ذيابيطس جي متعلق مختلف سائنسي تجربات بہ شروع ٿي ويا. بريونر (BRUNER) 1682ع ۾ مختلف جانورن تي تجربا ڪيا ۽ انهن جي لبلبي کي ڪڍي ثابت ڪيو تہ انهن ۾ اڃ بہ گهٽي لڳي ٿي ۽ پيشاب بہ گهٽو اچي ٿو. ڪولي (COLLEY) وري 1788ع ۾ ذيابيطس جي مريضن جي پيشاب ۾ کنڊ ٽيسٽ ڪرڻ جو طريقو ايجاد ڪيو ۽ ان طرح سان ذيابيطس جي مرض جي تشخيص آسان ٿي پئي.

ذيابيطس جي بيماريءَ جي صحيح سڃاڻپ دراصل 19 صدي ۾ ٿي، جنهن ۾ ذيابيطس جي بايو ڪيمسٽري، ان جو لبلبہ سان گهاٽي تعلق ۽ غذائي پرهيز تي سائنسي تحقيق ٿي. دراصل لبلبہ جي پراڻي سوزش (CHRONIC PANCREATITIS) ۽ ذيابيطس جو لاڳاپو 18 صدي جي آخر ۾ ثابت ٿي چڪو هو. پر پهريون ڀيرو وان ميرنگ (VON MERING) ۽ منڪوسڪي (MINKOWSKI) 19 صدي جي آخر ۾ 1889ع ۾ اهو ڏيکاريو تہ ڪتي جي جسم مان سمورو لبلبو ڪڍڻ ڪانپوءِ ان جي پيشاب ۾ گلوڪوز اچڻ شروع ٿي ويو. هنن اهو اندازو لڳايو تہ لبلبہ ۾ اهڙي ڪا "شئي" آهي جنهنجي ڪميءَ جي ڪري ذيابيطس جو مرض لاحق ٿي وڃي ٿو. پر انهن سائنسدانن جي مايوسي جي ڪا انتها نہ رهي جڏهن انهن ساڳي ڪتي کي رڍ جي لبلبہ مان تازي تهيل "پائوڊر" کي پاڻيءَ ۾ ملائي پياريو. انهيءَ ڪتي جي ذيابيطس تي ڪوبہ فرق نہ پيو ۽ انهن جا مٺا پيشاب برقرار رهيا.

ذيابيطس جي بيماريءَ جي صحيح سڃاڻپ در اصل 19 صدي ۾ ٿي، جنهن ۾ ذيابيطس جي بايو ڪيمسٽري، ان جو لبلبہ سان گهاٽي تعلق ۽ غذائي پرهيز تي سائنسي تحقيق ٿي.

آخر انهن محققن وڌيڪ تجربا بند ڪري ڇڏيا ۽ انهن جي ڪم جي رپورٽ 1890ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي.

واسلي (VASSALE) وري ان عرصي ۾ ڪجهہ مختلف تجربا شروع ڪيا. هن ڪتي جو پيٽ ڪولي ان جي لبلبي جي وڏي نالي (MAIN PANCREATIC DUCT) کي بند ڪري ڇڏيو. اها نالي لبلبي کي آنڊي سان ملائيندي آهي.

واسلي سوچيو تہ ان طريقي سان ڪتي ۾ ذيابيطس پيدا ٿي ويندي هن جي حيرت جي انتها نہ رهي جڏهن ڏٺو تہ ڪتي ۾ ذيابيطس تہ پيدا ڪونہ ٿي پر هن ۾ دست اچڻ شروع ٿي ويا. ان تجربي مان هن اندازو لڳايو

ته جيڪڏهن سموري لبلبه کي ڪتي جي جسم مان ڪڍيو وڃي ته ذيابيطس پيدا ٿيندي نه ته نه. ان جي معنيٰ آهي ته لبلبي جا انساني جسم ۾ به ڪم آهن هڪ ته اها هاضمي ۾ ڪم ڏئي ٿي ۽ ٻيو ته ڪا اهڙي شي پيدا ڪري ٿي جيڪا سنئون سڌو رت ۾ هلي وڃي ٿي ۽ اها رت ۾ گلوڪوز گهٽ ڪري ٿي.

هن ٻيو تجربو اهو ڪيو ته ڦهريون ڪتي جي لبلبي جي مکيه نالي کي ڪجهه وقت تائين بند ڪيو. پوءِ سمورو لبلبه ڪڍي ان کي چڪاسيائين. هن ڏٺو ته هن عمل جي ڪري لبلبي جا ڪجهه جيوگهرڙا (CELLS) ته مري ويا. جڏهن ته ٻين ۾ اجا "حياتي" جا آثار موجود هئا.

لنگرهان (LANGERHAN) نالي جرمن سائنسدان 1869ع ۾ اهي جيوگهرڙا ڳولي لڌا جن جي باري ۾ هاڻي يقين هو ته اهي رت ۾ گلوڪوز گهٽ ڪندڙ هارمون خارج ڪن ٿا. هن انهن جيوگهرڙن جو نالو (ISLAND OF LANGERHANS) رکيو. هن انهن جيوگهرڙن جو سَتَ ڪڍيو ۽ ذيابطيس مريضن کي پياريو. پر اها سڄي محنت به اجائي وئي ۽ مريضن جي ذيابيطس قائم رهي.

19 صدي ۾ ئي اهو ڏيکاريو ويو ته ذيابطيس ڪا هڪ بيماري ناهي. ٻارن ۾ اها وڏن جي بيماري کان بنهه مختلف آهي. ذيابيطس جي بي هوشي (DIABETIC COMA) جو تفصيلي تحقيق به هن ئي صدي ۾ ٿي.

انهيءَ ئي عرصي ۾ برنارڊ (BERNARD) هن مريضن جون بائوڪيميڪل بنيادون رکيون ۽ جيري جو رت جي گلوڪوز سان تعلق ظاهر ڪيو ۽ ائين هن مرض جي صحيح سڃاڻپ جو سلسلو شروع ٿيو.

ذيابيطس ۾ غذائي پرهيز جو تصور ڪافي پراڻو آهي ۽ ان جو ذڪر طب جي قديم نسخن ۾ پڻ ملي ٿو جن ۾ غذائي ۽ مختلف جڙي ٻوٽين سان پرهيز ۽ علاج جو ذڪر شامل آهي.

1797ع ۾ غذائي علاج جو تفصيل ڦهريون پيرو رولو (ROLLO) بيان ڪيو 1913ع ۾ وري ايلن (ALLEN) ذيابيطس جي ٿلهن مريضن لاءِ حرارن (CALORIES) جي سخت پرهيز تي زور ڏنو.

1890ع کانپوءِ انسولين کي لبلبي مان جدا ڪرڻ جون لاڳاتار ڪوششون شروع ٿي ويون ۽ ڪجهه ڪاوشن ڪاميابيءَ جو منهن پڻ ڏٺو مثلا زلزر (ZUELZER) ڊي وٽ (DEWITT) ۽ پالسڪو (PAULESCO) وغيره. هي تَتَ رت ۾ ڪنڊ گهٽ ڪرڻ ۾ ڪافي مددگار ثابت ٿيا.

ڦهرين مهاڀاري لڙائي دوران ڪا خاص ترقي ان سلسلي ۾ ڪونه ٿي. بالاخر 1920 ۾ ڪيناڊا جي ٽورنٽو يونيورسٽي (TORONTO UNIVERSITY) ۾ بانٽنگ (BANTING) نالي هڪ ڊاڪٽر معلوم ڪيو ته لبلبي جو اهو جزو جيڪو رت ۾ شگر ڪنٽرول ڪري ٿو سو اصل ۾ لحميات (PROTEIN) آهي. لبلبي جي اها رس يا رطوبت جيڪا آنڊي ۾ وڃي ٿي، سا وري ڪاري (ALKALINE) آهي جيڪا پروٽين کي هضم ڪري ڇڏي ٿي. تنهن ڪري جڏهن به اسان لبلبي کي چٽي ان جو ست وات ذريعي ڪارايون ٿا ته پروٽين، جيوگهرڙا وغيره سڀ ملي وڃن ٿا ۽ سڀ اندر وڃي بيڪار ٿي وڃن ٿا. هاڻي مسئلو هو انهن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪرڻ! اها آڪٽوبر 1920ع جي هڪ سرد رات هئي. بانٽنگ ڪم ڪندي ٿڪ کان چور ٿي بستري تي وڃي سمهي رهيو. پر سندس دماغ بدستور ان مسئلي ۾

لنگر هان (LANGERHAN) نالي جرمن سائنسدان 1869 ع ۾ اهي جيوگهرڙا ڳولي لڌا جن جي باري ۾ هاڻي يقين هو ته اهي رت ۾ گلوڪوز گهٽ ڪندڙ هارمون خارج ڪن ٿا. هن انهن جيوگهرڙن جو نالو (ISLAND OF LANGERHANS) رکيو.

# برص / بگ ڇا آهي

ڊاڪٽر شرف علي شاهه

بگ / برص چمڙيءَ جي هڪ خاص بيماري آهي، جنهن ۾ جسم جي مختلف حصن تي اڇا داغ ٿي پوندا آهن.

هي داغ کير جهڙا سفيد ٿيندا آهن ۽ عام طرح سان جسم جي ڪنهن به حصي تي ظاهر ٿي سگهن ٿا پر گهڻو ڪري هي داغ چپن يا ڇهري کان شروع ٿيندا آهن ۽ آهستي آهستي سڄي جسم کي متاثر ڪري سگهن ٿا.

عام طور مريض کي هنن داغن جي ڪري ڪابه تڪليف جهڙوڪ: خارش، سور يا ساڙو نه ٿيندو آهي پر جيڪڏهن هي داغ جسم جي اهڙن حصن تي هجن جتي اُس جا ڪرڻا پهچي سگهن ٿا. جهڙوڪ: منهن، هٿ، پير وغيره ته انهن حصن جا داغ سرخ ٿي سگهن ٿا ۽ مريض ساڙي جي شڪايت ڪري سگهي ٿو. بگ ڪنهن به عمر ۾ ٿي سگهي ٿو. پر گهڻو ڪري 10 سالن کان 30 سالن تائين زياده ڪيس ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اسان هيءَ بيماري ڇهن مهينن جي ٻار کان وٺي 90 سالن جي پوڙهن ماڻهن ۾ به ڏٺي آهي.

جيتوڻيڪ هن بيماريءَ ۾ مريض کي گهڻو ڪري ڪابه جسماني تڪليف نه ٿيندي آهي پر مريض تمام گهڻي ذهني پريشاني جو شڪار هوندو آهي. هي بدنما داغ خاص ڪري ڇوڪرين ۾ تمام گهڻي ذهني دٻاءَ جو ڪارڻ ٿيندا آهن ۽ ڪي حساس ماڻهو ته ذهني مريض به ٿي پوندا آهن.

بگ يا برص جي باري ۾ عام ماڻهن جي ذهن ۾ تمام گهڻا غلط نظريا ۽ خدشا رهندا آهن پر انهن جي ڪابه حقيقت نه آهي. جهڙوڪ: عام ماڻهن جو هڪ خيال آهي ته هي مرض مڇي ۽ کير گڏ کائڻ سان ٿيندو آهي ۽ ڪي ماڻهو بگ کي وچڙندڙ مرض سمجهندا آهن ۽ بگ جي مريضن سان ملڻ کان ڪترائيندا آهن. حالانڪه هي مرض نه ته مڇي ۽ کير گڏ کائڻ سان ٿيندو آهي ۽ نه ئي ڪو وچڙندڙ مرض آهي. جيڪو هڪ ماڻهوءَ مان ٻئي کي لڳي سگهي.

اها ڳالهه صرف اتي ختم نٿي ٿئي پر ڪي ماڻهو ته هن مرض کي ڪوڙهه يا جذام به (Leprosy) ڪري سمجهندا آهن ۽ خدا جي طرف کان مريض لاءِ سزا سمجهندا آهن اهي سڀ جهالت جون ڳالهيون آهن جن ۾ ڪابه حقيقت نه آهي.

بگ ڇو ٿيندو آهي؟

تمام گهڻي تحقيق جي باوجود اها ڳالهه واضح نه ٿي سگهي آهي ته بگ / برص جو اصل سبب ڇا آهي حالانڪه ريسرچ سان ٻين ڪافي لاڳاپيل حقيقتن جي ڄاڻ پئي آهي.

1. ڏٺو ويو آهي ته بگ جي 30 سيڪڙو مريضن جي خاندان ۾ اها بيماري موجود هوندي آهي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هي بيماري موروثي ٿي سگهي ٿي.

2. ذيابيطس يا مٺن پيشابن جي بيماري عام ماڻهن کان وڌيڪ بگ برص جي مريضن کي اثرانداز ڪندي آهي، ٻين لفظن ۾ ذيابيطس جي مريضن کي بگ ٿيڻ جو امڪان وڌيڪ آهي.

3. ٻيون به گهڻيون بيماريون آهن جن ۾ مبتلا مريض کي بگ ٿيڻ جو وڌيڪ امڪان آهي.

جهڙوڪ: وار ڇريو، (Pernicious Anaemia, Hyperthyroidism) ۽ بگ دراصل رنگ پيدا ڪرڻ وارن گهرڙن جي تباهيءَ جي ڪري ٿيندو آهي. جسم جي انهن گهرڙن (Melanocytes) جي خلاف (Antibodies) پيدا ٿينديون آهن جيڪي گهرڙن کي تباهه ڪري ڇڏينديون آهن. يعني جسم ۾ خود ئي پنهنجي خلاف جنگ شروع ٿي ويندي آهي، جنهن ۾ (Antibodies) جن جو ڪم آهي، جسم جي حفاظت ڪرڻ، سي خود پنهنجي جسم جي خلاف جنگ شروع ڪري ڇڏينديون آهن. جنهن جي نتيجي ۾ بگ ظاهر ٿيندو آهي.

علاج: عام سوچ جي مطابق "بگ هڪ لاعلاج مرض آهي، ليڪن اهو بلڪل غلط آهي هن بيماريءَ جو علاج موجود آهي، مريض کي اهو چوڻ ته هي مرض لاعلاج آهي، مريض سان هڪ وڏي زيادتي آهي.

بگ / برص جي مريض کي گهرجي ته هو چمڙيءَ جي ماهر ڊاڪٽر سان مشورو ڪري، عام ٽوٽڪا استعمال ڪرڻ سان مرض وڌيڪ پيچيده ٿيڻ ۽ نقصان ٿيڻ جو انديشو آهي. بگ / برص جي علاج ۾ اها ڳالهه سڀ کان اهم آهي ته ڊاڪٽر کي گهرجي ته هو مريض کي بگ متعلق سموري ڄاڻ مهيا ڪري ته جيئن مريض

جا غلط خدشا ۽ وهم ختم ٿي سگهن ۽ مريض جو ڊاڪٽر ۾ اعتماد پيدا ٿئي. ائين ڪرڻ سان مريض جو ڪافي ذهني دٻاءُ گهٽجي ويندو ۽ هو علاج ۾ ڊاڪٽر سان پورو تعاون ڪندو. هن حالت ۾ ته مريض جي پوري خاندان کي اعتماد ۾ وٺڻ ضروري ٿي ويندو آهي جيڪي مريض کي وڌيڪ همت ڏيارائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن.

بڪ جي علاج ۾ صبر جي تمام گهڻي ضرورت هوندي آهي ڇاڪاڻ جو علاج جو اثر آهستي آهستي ٿيندو آهي ۽ ٻئي طرف مريض جلد کان جلد انهن بدنما داغن مان جان ڇڏائڻ چاهيندو آهي بهرحال مريض کي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته علاج گهٽ ۾ گهٽ ڇهه مهينا هلندو.

محدود بڪ / برص جو علاج.

محدود بڪ جو علاج بهرحال آسان آهي، بڪ جي هن قسم ۾ جسم جي هڪ يا چند حصن تي ڪجهه اڇا داغ هوندا آهن. هن قسم کي بڪ جي شروعات به چئي سگهجي ٿو. هن ۾ ڪارٽيڪو اسٽيرائڊ جون ڪريمون لڳائڻ سان مريض کي ڪافي فائدو ٿيندو آهي، ۽ اڇا داغ غائب ٿي ويندا آهن. هن قسم جون ڪريمون مارڪيٽ ۾ دستياب آهن پر اهي ڪريمون ڊاڪٽر جي مشوري کانسواءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته انهن ڪريمن جا خراب اثر (Side Effects) به آهن جن جي ڪري مريض کي فائدي بجاءِ نقصان به ٿي سگهي ٿو.

تاپيڪل فوٽو ڪيموٿراپي

(Topical Photo-Chemo Therapy)

هي تمام ڪارگر علاج آهي ۽ ڪافي مريض هن علاج سان صحتياب ٿي ويندا آهن. جيڪي مريض ڪارٽيڪو اسٽيرائڊ جي ڪريمن سان ٺيڪ نه ٿي سگهندا آهن اهي مريض به هن علاج سان ٺيڪ ٿي سگهن ٿا.

هي علاج سڀ کان پهريائين مصر ۾ شروع ٿيو ۽ پوءِ آهستي آهستي سڄي دنيا ۾ تسليم ٿيو ۽ هاڻي سائنسي تحقيق سان هن کي بهتر بڻايو ويو آهي. هن علاج ۾ هڪ خاص قسم جو ڪريم يا لوشن اڇن داغن تي لڳايو ويندو آهي، ۽ دوا لڳائڻ کانپوءِ انهن داغن تي اس (سج جي روشني) چند منٽن لاءِ وڌي ويندي آهي. سج جي روشني ۾ خاص قسم جا ڪرڻا، جن کي الٽراوائلٽ "اي" (UVA) چيو ويندو آهي. ڪريم يا لوشن (Psoralen) جي موجودگيءَ ۾ رنگتيار ڪندڙ گهرڙن (Melanocytes) تي اثر انداز ٿيندا آهن ۽ اڇن داغن تي آهستي آهستي رنگ اچڻ شروع ٿيندو آهي. شروع شروع ۾ رنگ ننڍن ننڍن نڪتن جي شڪل ۾ نظر ايندو آهي ۽ پوءِ آهستي آهستي اهي نڪتا تعداد ۽ ماپ وڌندا ويندا آهن ۽ اهڙي طرح پورو سفيد نشان غائب ٿي ويندو آهي.

اڄ ڪلهه اهي الٽراوائلٽ "اي" ڪرڻا خاص مشين جي ذريعي ڏنا وڃن ٿا، تنهنڪري هن علاج ۾ تمام آساني پيدا ٿي پئي آهي ۽ ڪرڻن جي مقدار کي ضرورت مطابق گهٽائي، وڌائي سگهجي ٿو ۽ ڏينهن رات ڪنهن به وقت اها مشين استعمال ڪري سگهجي ٿي.

اورل فوٽو ڪيموٿراپي

(Oral Photo-Chemo Therapy)

هي به ساڳي قسم جو علاج آهي فرق صرف ايترو آهي ته هن علاج ۾ ڪريم يا لوشن جي بجاءِ دوا گورين جي صورت ۾ مريض کي کارائي ويندي آهي ۽ ٻن ڪلاڪن کانپوءِ جڏهن (Psoralen) خون جي ذريعي بڪ جي داغن تائين پهچي ويندي آهي ته مريض اتي الٽراوائلٽ "اي" ڪرڻا لڳايا ويندا آهن.

هن قسم جو علاج خاص ڪري انهن مريضن کي ڏنو ويندو آهي، جن جو مرض جسم جي تمام گهڻي حصي کي اثرانداز ڪري چڪو هوندو آهي ۽ سڄي جسم تي ڪريم يا لوشن لڳائڻ مشڪل ٿي پوندو آهي.

الٽراوائلٽ "اي" ڪرڻن ۽ سورالين (Psoralen) جي علاج ۾ ڪافي پيچيدگيون پيدا ٿي سگهن ٿيون، جهڙوڪ: دوا جي يا ڪرڻن جي وڌيڪ مقدار ۾ استعمال ڪرڻ سان چمڙي تي ڦلوڪڙا نڪري پوندا آهن جيئن تمام گرم پاڻي جسم تي ڪرڻ سان نڪرندا آهن ۽ مريض کي تمام گهڻي تڪليف ٿيندي آهي.

هي علاج هميشه چمڙيءَ جي ماهر ڊاڪٽر وٽان مشينري سان ڪيو وڃي ورنه ٻي حالت ۾ نقصان رسي سگهي ٿو.

علاج سان گڏ مريض هميشه پرهيز ضرور پڇندا آهن هن مرض ۾ پرهيز، صرف انهن کاڌي جي شين جي ضروري هوندي آهي جن ۾ "وائٽمن سي" (Vit-C) هجي جهڙوڪ: ليمون، موسمي، ڪينو وغيره، ۽ چند دوائن جو استعمال به هن مرض کي وڌائي سگهي ٿو.

بڪ جي مريضن کي خواه مخواه سخت پرهيز لاءِ چيو ويندو آهي، جهڙوڪ: گوشت، مڇي، کير ۽ ڪيترن ئي ٻين شين جي کائڻ کان ڪين روڪيو ويندو آهي. حالانڪه جديد سائنس ۾ ڪا به اهڙي ڳالهه ثابت نه ٿي سگهي آهي ته انهن غذائن جو ڪو بڪ جي مرض تي غلط اثر آهي.

# ٽپش جا طريقا

ڊاڪٽر عالم سومرو

موسمون ٽين چار: بهار، اونهارو، سرءُ، سيارو. ٿلهي ليکي بهار 15 فيبروري کان 31 مارچ تائين، اونهارو 1 اپريل کان 15 سيپٽمبر تائين، سرءُ 16 سيپٽمبر کان 31 آڪٽوبر تائين ۽ سيارو 1 نومبر کان 15 فيبروري تائين. انهن مڙني مُندن ۾ اونهارو وڌو ٿئي ۽ ماڻهن کي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏيکاري. سيلاب انهي مند ۾ اچن ته نانگ، بلائون، مڇر مليريا، دست التيون، مکيون ۽ گهٽي گرمي سڀ ان مند جون مصيبتون. گهٽي گرمي کان ته ڪڏهن انسان جو انت به اچيو وڃي. موت مهٽو ناهي پر هن دؤر ۾ جڏهن انسان جي آرام ۽ آسائش لاءِ الائي ڇا ڇا ٺڄي چڪو آهي، تڏهن به گرمي کان ڪن جو موت ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو.

هڪ عام صحتمند انسان جي جسم جو گرمي پد (Temperature) 98.4 سينٽي گريڊ فهرنائيٽ ٿيندو آهي. ٻارن ۾ هڪ ڊگري وڌيڪ ۽ ٻُڍن ۾ هڪ ڊگري گهٽ. جسم جو اهو گرمي پدُ جسم ۾ گرمي جي پيدا ۽ خارج ٿيڻ جو نتيجو آهي. جسم ۾ گرمي جي پيدا ۽ خارج ٿيڻ وارا عمل تنتي ۽ هارمون سرشتن ذريعي قبضي ۾ رکيا ويندا آهن، جن جو مکيه مرڪز Heat Regulating Centre، دماغ جي حصي هائپوٿيلمس (Hypothalsmus) ۾ آهي.

## جسم ۾ گرميءَ جي پيداوار وارا وسيلا:

1. گرم کاڌو جسم ۾ داخل ٿي ڪجهه گرمي ڏئي ٿو.

2. هوئنءَ ته جسم جي هر عضوي جو جيو گهرڙو (Cell) رت مان غذا ۽ آڪسيجن ڪڍي، انهن مان مختلف ڪيميائي عملن ذريعي حرارت حاصل ڪري ٿو ۽ ان ريت زنده رهي جسم جي جياپي واري چڪر ۾ پنهنجي حصي جو فرض ادا ڪندو رهي ٿو. پر جيري ۽ مُشڪن جا جيوگهرڙا ڪيميائي عملن جون ڄڻ ته لئبارٽريون آهن جيڪي لڳاتار غذا ۽ آڪسيجن مان انيڪ اهميت واريون چيزون پيدا ڪرڻ ۾ رُڌل آهن. مشڪون ڪم ۽ ورزش دوران بي انت حرارت پيدا ڪن ٿيون.

## جسم مان گرمي جي خارج ٿيڻ وارا وسيلا:

### 1. کل ذريعي:

**(الف) شعائن يا لهرن وارو طريقو (Radiation):-** جسم ۽ فضا جي گرمي، پد ۾ تفاوت ڪري گرمي، جون لهرون گهڻي درجي کان گهٽ درجي ڏانهن وينديون آهن. اڇا ڪپڙا گرمي جون لهرون گهٽ جذب ڪندا آهن، تنهنڪري گرمي ۾ پاتبا آهن ته جيئن گرم فضا مان گهٽ ۾ گهٽ گرمي جسم ۾ داخل ٿي سگهي.

**(ب) پسرڻ وارو طريقو (Conduction & Convection):-** جڏهن ٻاهرين فضا جو گرمي پد جسم جي گرمي پد کان گهٽ هوندو آهي ته هوا جا ٿڌا پرماڻا (Molecules) جسم سان لڳي، گرم ٿي هلڪا ٿي پوندا آهن ۽ پوءِ مٿي هليا ويندا آهن. انهن جي جاءِ تي وري هوا جا ٻيا ٿڌا پرماڻا (Molecules) اچي جسم سان لڳي گرم ٿي پوندا آهن. ان ريت هوا جي لڳڻ سان جسم مان گرمي خارج ٿيندي رهندي آهي.

موت مهٽو ناهي پر هن دؤر ۾ جڏهن انسان جي آرام ۽ آسائش لاءِ الائي ڇا ڇا ٺڄي چڪو آهي، تڏهن به گرمي کان ڪن جو موت ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو.

# ماهواري بابت نئين کوجنا

علي مرتضيٰ
ڌاريجو

مارگي پرافيٽ هڪ اهڙي عورت سمجهي وڃي ٿي جنهن ريپروڊڪٽو بائلاجي Reproductive Biology جا بنياد ڌوڏي وڌا آهن ۽ هوءَ سيني سائنسي مسئلن جا حل پنهنجن خوابن دوران لهي ٿي ته وٽس پي ايچ ڊي جي ڊگري به ڪونهي. سندس چواڻي ته هوءَ سدائين سوال پڇڻ پسند ڪندي آهي.

پرافيٽ جو پيءُ فزسٽ ته ماءُ انجنيئر آهي. پرافيٽ هارورڊ ۾ پوليٽيڪل فلاسافيءَ جي تعليم حاصل ڪئي آهي. هوءَ شروعات ۾ سائنس جي تعليم حاصل ڪري نه سگهي جنهن جو سبب هو اهوئي ٻڌائي ٿي ته هوءَ جنهن ماحول ۾ نپني وڏي ٿي، ان سبب سائنس جو اڀياس ڪرڻ سندس واس کان ٻاهر هيو ۽ ڪيس بائلاجي پسند به نه ايندي هئي جو سندس چوڻ مطابق ته جڏهن جسم جي اندرين عضون کي ڏسبو هو ته اهي اڻ وڻندڙ ۽ عجيب لڳندا هيا.

جڏهن ته سندس ذهن ۾ جيڪي به سوال سرجندا رهيا انهن جا حل رڳو سائنس جي اڀياس ڪرڻ سان حاصل ڪرڻ ممڪن هئا. يورپ ۽ آفريڪا جو سير سفر ڪرڻ کانپوءِ هن يونيورسٽي آف ڪئليفورنيا- برڪلي مان فزڪس جي ڊگري حاصل ڪئي. هوءَ پي ايچ ڊي جي ڊگري انڪري حاصل ڪري نه سگهي جو ڪيس اهڙو موافق ماحول ملي نه سگهيو ان بجاءِ هن برڪلي ۾ ريسرچ ايسوسيئيشن ۾ نوڪري ڪئي جنهن ڪري ڪيس ايترو وقت ملي سگهيو ته هوءَ نه رڳو پنهنجي بي چين ذهن کي سڪون ڏيڻ لاءِ هر ان هنڌ تائين وڃي سگهي جتي وڃڻ هن مناسب سمجهيو.

هن ڪيترين اهڙين ڳالهين جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي جيڪي ڪيترا ماڻهو جيئن جو تيئن تسليم ڪندا آهن هن ماهواريءَ کانسواءِ عورتن کي ٿي پوندڙ اُلٽين ۽ ائلن جي رد عملن جو به تجزيو ڪيو آهي. ماهواري لاءِ سندس ويساهه آهي ته اهڙا سڀ عمل عورت کي بيمارين ٻڙين کان بچائين ٿا. اُلٽيون پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ اهو ٿي ٻڌائي ته ان سبب حامله عورتون ڪيتريون سبزيون ۽ مرچ مصالحه رڳو ان ڪري کائي نه ٿيون سگهن ته جيئن اهي سندس پيٽ ۾ پلجندڙ ٻارڙي کي نقصان رسائي نه سگهن. جڏهن ته ائلرجي پيدا ٿيڻ سبب اهڙو فرد ٻوٽن جي ڪن زهريلن جزن کان پاڻ بچائڻ لاءِ اهڙو بچاءُ پيدا ڪري ٿو.

گذريل سال جون مهيني ۾ ڪيس ڪيل ڪوجنائي ڪم تي مئڪ آرٿر فائونڊيشن جو 250,000 ڊالرن جو "جينس" اوارڊ ڏنو ويو. هن وقت هوءَ هڪ ڪتاب لکي رهي آهي جيڪو ان موضوع تي آهي ته، "ڇائي ڄمر جي عين کان ڪيئن اپاءَ وٺجن" ۽ هوءَ انهن سيني ڳالهين کان بي پرواهه ٿي ڪم ڪري رهي آهي ته سائنسي دنيا جا ماهر سندس لاءِ ڪهڙا ويچار رکن ٿا.

"جڏهن مونکي ٻهريون پيرو يارنهن سالن جي عمر ۾ ماهواريءَ بابت ٻڌايو ويو هو ته مان اهڙين ڳالهين تي ويساهه ڪري نه سگهي هيس" مارگي پرافٽ (Margie Profet) جو چوڻ آهي ته تڏهن مان 10-11 سالن جي ڄمار جي هيس جڏهن اهڙيون فلمون ڏيکاريون وينديون هيون. اڃان تائين ياد اٿم ته انلاءِ آنيدانيون (Ovaries) ۽ فيلپين نليون ڏيکاريون وينديون هيون. تڏهن اهوئي سمجهيو هيم ته سچ پچ ته اهي عيب ڳالهيون آهن ۽ ان کانپوءِ ماهر سدائين اهوئي ٻڌائيندا رهندا هيا ته، ائين ماهواري اچڻ جو مقصد اهو آهي ته، جسم ڳپيرڻ جي استر جي ڇنڊ ڪري ڇڏي ٿو جو انجو وڌيڪ ڪو ڪارج نه ٿو رهي. پر مان اهوئي پائيندي هيس ته اها معقول ڳالهه ٿي نه ٿي سگهي ۽ ان سبب آءٌ سدائين هورا ڪورا ۾ رهندي هئس.

انهن ڳالهين کان 25 سال پوءِ، هن وقت جڏهن پرافيٽ 35 سالن جي ڄمار جي اچي ٿي آهي تڏهن هن اهڙين ڳالهين کي سمجهي ورتو آهي ۽ ان سلسلي ۾ هن جيڪي ڪجهه حاصل ڪيو ۽ پڌرو ڪيو آهي اهو وري ماهرن لاءِ حيران ڪن آهي. هن اهڙن ڳالهين جو اظهار هڪ مضمون رستي ڪيو آهي جيڪو سائنس جي هڪ معتبر رسالي، "ڪوارٽرلي رويو آف بائلاجيءَ" (Quarterly Review of Biology) ۾ ڇپيو آهي. پاڻ يونيورسٽي آف ڪئليفورنيا- برڪلي ۾ هڪ اووليوشنري بائلاجسٽ طور ڪم ڪري رهي آهي. هن ڪوجنائن کانپوءِ ماهوري بابت جيڪي حقيقتون گڏ ڪيون آهن. انهن نه رڳو اڳين سيني متن کي رد ڪري ڇڏيو آهي پر سندس اهو به چوڻ آهي ته، عورتن کي ايندڙ ماهواري پيدائشي عمل سان لاڳاپيل ڪو اتفاقاً پيدا ٿيندڙ سلسلو ناهي يا اهو ڪو اهڙو اهڃاڻ ناهي جنهن رستي اهو سمجهي سگهجي ته، پيٽ نه ٿيو آهي. جڏهن ته، ان بجاءِ اهو هڪ اهڙو فطري عمل آهي جيڪو ويجهه (Fertility) جي عمل کي تحفظ ڏيندو رهي ٿو ته جيئن

# ايڊز ۽ ايڇ. آءِ. وي ڇاهي

مترجم -
ڊاڪٽر
ثناءُ الله کوکر

بنيادي طور تي ائڊز ۽ ائڊز جو وائرس ٻہ الڳ پر هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم شيون آهن-
ائڊز (Acquired Immuno Deficiency Syndrome) هڪ مرض آهي جنهن جو سبب ائڊز وائرس (Humman Immuno deficiency Virus) هجي ٿو. ڪنهن بہ فرد کي جڏهن ائڊز ٿئي ٿي تہ ان کان اڳ ۾ ائڊز وائرس (H.I.V) سندس جسم ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي يعني جنسي عمل ذريعي، خون ذريعي يا خون ۾ استعمال ٿيل مختلف اوزارن ذريعي يا وري ائڊز / ائڊز وائرس ۾ ڦاٿل (HIV Positive) ماءُ مان ان جي پيدا ٿيندڙ ٻار ۾ ماءُ جي پيٽ اندر، ڄمڻ مهل يا کير پيارڻ ذريعي داخل ٿئي ٿو.
ائڊز وائرس جڏهن ڪنهن صحتمند فرد جي جسم ۾ داخل ٿئي ٿو تہ ان کانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ ياڳي اندازاً 10 سالن تائين ان کي وائرس جي داخل ٿيڻ جي خبر بہ نہ هوندي آهي، جيستائين وڃي يا تہ اهو فرد ليبارٽري ٽيسٽ ڪرائي يا ڪي علامتون ظاهر ٿينس يا وري ائڊز جي مرض ۾ مبتلا ٿئي- ائڊز وائرس جي جسم ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ويندي ائڊز سنجرڻ تائين وري اهو وائرس ڦاٿل فرد (HIV Positive) مٿي ڄاڻايل ذريعن سان ٻين فردن کي ائڊز وائرس (H.I.V) جو شڪار بڻائي سگهي ٿو. اسان جي معاشري ۾ ائڊز بابت ڄاڻ نہ هئڻ ڪري نہ ڄاڻي ڪيترا فرد اونده ۾ رهڻ ڪري ان وائرس جو شڪار ٿيندا هوندا- هن مضمون ۾ ائڊز ۽ ائڊز وائرس بابت بنيادي ڳالهيون واضح ڪري سمجهائجن ٿيون ۽ ائڊز کان بچاءَ جا طريقا پڻ ٻڌائجن ٿا- اميد تہ پڙهندڙ هن مضمون کانپوءِ پنهنجي پاڻ؛ پنهنجي خاندان ۽ پوري معاشري کي ائڊز کان محفوظ رکڻ ۾ پنهنجو مثبت ۽ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا-

**ايڊيٽر**

## ائڊز ۽ ايڇ. آءِ. وي بابت بنيادي ڳالهيون:

1- جيڪو ماڻهو ايڇ. آءِ. وي ۾ ڦاٿل هوندو سو شروعاتي ڪجھ سالن تائين ائڊز ڀوڳيندڙ نہ هوندو. ايڇ. آءِ. وي ۽ ائڊز ٻہ الڳ الڳ شيون آهن پر ايڇ. آءِ. وي اڳتي هلي ائڊز پيدا ڪري ٿو. ايڇ. آءِ. وي (H.I.V) جنهن جو مطلب هيومن اميونو ڊيفيشنسي وائرس يا انساني بيمارين جي دفاعي صلاحيتن جي کوٽ پيدا ڪندڙ وائرس آهي تنهن جا ٻہ قسم آهن.

1- ايڇ. آءِ. وي هڪ H.I.V -I
2- ايڇ. آءِ. وي ٻہ H.I.V-II

اهي وائرس جا ٻئي قسم ائڊز (Acquired Immuno Deficiency Syndrome) جا سبب بڻبا آهن- ايشيا ۾ گهڻي ڀاڱي ايڇ. آءِ. وي جا روڳ H.I.V -I جي ڪري ٿين ٿا.

جڏهن ڪوبہ فرد ائڊز وائرس (H.I.V) ۾ ڦاسي ٿو تہ هوَ يا هوءَ بنا ڪنهن علامت يا نشاني جي 3 کان 12 سالن تائين زندگي گذاري سگهي ٿو / ٿي. پر نيٺ ايڇ. آءِ. وي هڪ نہ هڪ ڏينهن ان ۾ ڦاٿل فرد جو دفاعي نظام تباه ڪري ان کي ڪنهن نہ ڪنهن اهڙي بيماري جهڙوڪ سلھ، نمونيا ۽ دستن جون بيماريون وغيره جي منهن ۾ ڏئي ڇڏيندو ۽ اهي بيماريون ئي ان فرد جي تباهي جو سبب بڻبيون، بس اهڙي ئي حالت کي چئبو تہ اهو فرد ائڊز جي بيماري ۾ مبتلا ٿي چڪو آهي.

ائڊز وائرس (H.I.V) ۾ ڦاٿل فرد کي جيتوڻيڪ اڃا ائڊز ظاهر نہ ٿي آهي، ڦاسڻ واري وقت کانپوءِ وري ٻئي فرد کي ان وائرس مان وائرس ڦهلجڻ وارن طريقن سان ڦاسائي سگهي ٿو. پر ڪير بہ ڪنهن جي شڪل ڏسي ائين ڪونہ ٿو چئي سگهي تہ ڪير ايڇ. آءِ. وي ۾ ڦاٿل آهي جيتوڻيڪ ڪنهن کي ائڊز جون نشانيون جيئن هڪدم وزن گهٽ ٿيڻ، مسلسل دست، کنگھ ۽ وڏيل گلٽيون (Lymph nodes) ڇو نہ هجن، ڇو تہ اهي نشانيون ٻين بيمارين ۾ بہ ٿي سگهن ٿيون- تنهن لاءِ ائڊز وائرس

# جسم جي دفاعي سگهہ

ڊاڪٽر عبدالرشيد لاکو

طبي ماهرن جو چوڻ آهي تہ، بي انداز خوردبيني جاندار، جن ۾ مختلف قسمن جا جيوڙا، جهڙوڪ: پروٽوزوئا، فنگس ۽ وائرس وغيره ڪيترين ئي شڪلين تبديل ڪري ڪيترن ئي طريقن سان اسان جي جسم ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهي جاندار ايترا تہ ننڍا ٿين ٿا جو تقريباً ويهہ ڪروڙ هڪ سئيءَ جي ڀاڪي ۾ ماپي سگهن ٿا اهي ننڍڙا دشمن پاڻ ڪان ڪئين دفعا وڏن ۽ صحتمند انساني سيلن تي حملو ڪن ٿا ۽ ڪن حالتن ۾ تہ انهن کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن. جڏهن تہ اسان کي پنهنجي اندر ٿيندڙ ان جنگ جي ڪابہ خبر نہ هوندي آهي. اسان جي جسم جي بچاءَ جي فوج انهن حملہ آورن جو نهايت خاموشيءَ سان مقابلو ڪري ڪين شڪست ڏيندي رهندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن هيئن بہ ٿيندو آهي جو، اسان جي محافظن تي حملو ايترو تہ شديد ٿيندو آهي جو اهي بلڪل نستا ٿي پوندا آهن ۽ نتيجي ۾ اسان کي ڪنگهہ، زڪام، ٽائفائيڊ، ٽي.بي ۽ ٻيون مختلف خطرناڪ بيماريون ٿي پونديون آهن. ڪڏهن وري اسان جا سيل بہ بغاوت تي لهي ايندا آهن ۽ جڏهن انهن جون باغيانہ سرگرميون شديد ٿي وينديون آهن تہ اسان ڪينسر جهڙي خطرناڪ مرض ۾ مبتلا ٿي پوندا آهيون.

اسان جي اهڙن دشمن ۾ بئڪٽيريا اهم حيثيت رکن ٿا، جن ۾ جين (Genes) جا بنڊل ٿيندا آهن ۽ انهن جي مٿان ڪنہ جو تهہ چڙهيل هوندو آهي. جڏهن اهي جيوڙا اسان جي ڪنهن سيل ۾ داخل ٿين ٿا تہ ان کي ڦاڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ آخرڪار ان کي ڦاڙي قتل ڪري وجهندا آهن. ان ڪانپوءِ مرده سيل مان نڪري هيڏانهن هوڏانهن پکڙجي، ٻين سيلن تي حملو ڪندا آهن.

ويڪ فاريسٽ يونيورسٽي جي بائلاجسٽ "ڊاڪٽر ٽرومين" جو چوڻ آهي، "انساني جسم جي هڪ سؤ ڪرب سيلن مان هڪ ڪرب سيل حفاظتي فوج تي مشتمل آهن." اهي سيل هڏي جي مک (Bone Marrow) ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ ٽي حفاظتي قسم ٺاهين ٿا. انهن مان هڪ قسم کي فئگوسائيٽ (Phagocytes) ڪوٺجي ٿو ۽ ٻيا ٻن قسمن جا لمفوسائيٽ (Lymphocytes) ٿين ٿا جن کي ٽي - سيل (T - Cells) ۽ بي- سيل (B - Cells) چئبو آهي. سڀ کان پهريائين ميدان ۾ فئگوسائيٽ لهن ٿا. انهن کي جڏهن بہ ڪا "ٻاهرين شي" نظر اچي ٿي تہ يڪدم ان کي گهيري ۾ هڙپ ڪري وڃن ٿا. مثال طور: ساهہ جي نالين ۾ موجود مٽيءَ جا ذرڙا، جيڪي ساهہ کڻڻ دوران ڦڦڙن ۾ داخل ٿين ٿا. انهن کي ڳهي وڃن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح ڦڦڙ صاف رهن ٿا.

جڏهن اسان کي ڪو زخم / ڌڪ لڳندو آهي تہ فئگوسائيٽ ان جاءِ تي تيزيءَ سان پهچي ويندا آهن. اتي رت جون شريانون سڄي پونديون آهن ۽ فئگوسائيٽ ۽ پليٽيليٽس / رت جا ريزا گڏجي وهندڙ رت کي هڪ محنتي هاريءَ جيان بند ڪري ڇڏيندا آهن. جسم ۾ داخل ٿيندڙ بئڪٽيريائي جيوڙي يا وائرس جي سڃاڻپ ٽي - سيل ڪندا آهن. ڪيترن ئي قسمن جي سيلن کي هڪ پيلي رنگ جو غدود ٿائمس (Thymus) لکن جي تعداد ۾ پمپ ڪندو آهي. انهن مان چند سيل ئي ڪنهن اينٽيجن (Antigen)، اهڙو مادو جنهن جي جسم ۾ داخل ٿيڻ سان رت ۾ ان جو ضد مادو / اينٽي باڊيون پيدا ٿين) کي سڃاڻڻ جي صلاحيت رکن ٿا. اهو ڪم فقط ٽي - سيل ئي ڪري سگهن ٿا. اهي سيل جيڪي اينٽيجن جي سڃاڻپ نہ ڪري سگهندا آهن سي، ٽي- سيلن کي ڪيميائي اطلاع ڏيندا آهن. ٽي (- سيل خاص قسم جي دشمن کي سڃاڻڻ کانپوءِ، ويڙهو فوج جي سپاهين جي شڪل اختيار ڪندي متاثر سيل جي پڙدي (Membrane) ۾ سوراخ ڪري واڌ ويجهہ ڪرڻ کان اڳ ئي ان کي ناس ڪري ڇڏيندا آهن. ٽي - سيل حفاظتي فوج جو ڪم ڪرڻ ڪانسواءِ جسم جي دفاعي سرشتي جي آخري وڏي قسم بي - سيلن کي خبردار ڪري ڇڏيندا آهن جيڪي انسان جي لمف غدودن ۾ پيدا ٿيندا آهن. لمف غدود هڪ قسم جا هٿيار ٺاهيندڙ ڪارخانا ٿين ٿا، جتي ٽي - سيل ۽ بي- سيل تيار ٿين ٿا. اهي حملہ آورن جي مٿاڇرن تي چنبڙي انهن کي ڳهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جنهن وقت هيءَ جنگ عروج تي هوندي آهي، ان وقت بي- سيل مانڊاٽيءَ وانگر ڦرندي لکين ويڙهو سيلن کي هڪ سيڪنڊ ۾ ٻاهر ڪيندا آهن. اهڙيءَ طرح انساني جسم جي پوري حفاظتي فوج ملي، دشمن فوج (بئڪٽيريا) کي شڪست فاش ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن اسان جي بچاءَ جي قدرتي نظام جي ازخود شڪست، پريشان ڪن صورتحال پيدا ڪري وجهندي آهي. ان حالت ۾ انساني جسم جو دفاعي نظام

**ذيابيطس جا مريض پاڻ پنهنجي دل جي هٿان مجبور ٿي ڪري يا وري بيوقوف دوستن جي چوڻ تي ته "ٿورڙو کائڻ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي" اهي شيون کائيندا آهن.**

سبب بڻجي ٿو . تحقيق ڪرڻ سان هيءَ ڳالهه ثابت ٿي آهي ته جيڪڏهن رت ۾ کنڊ جو مقدار ڇو نه ٿوري عرصي لاءِ ئي وڌي ته اهو انهيءَ مختصر عرصي ۾ به خون جي سنهين نلين جي پٽين کي متاثر ڪري سگهي ٿو. اهڙي طرح وڌندڙ کنڊ جي مختلف دورن ۾ آهستي آهستي اهي خون جون نليون بريءَ طرح متاثر ٿي وينديون آهن، ذيابيطس جي مختلف مونجهارن جو سبب بڻجنديون آهن. انهيءَ مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته جيڪڏهن ذيابيطس جا مريض خون ۾ کنڊ جي مقدار کي مقرر مقدار جي ويجهو رکندا ته اهي ايندڙ وقت ۾ مختلف مونجهارن کان بچيل رهندا.

ذيابيطس جي مريض کي نه صرف مٺيون شيون پر گهڻي ٿڌيون واريون شيون به نقصان پهچائي سگهن ٿيون. جيتوڻيڪ انهيءَ سان ڪو فرق ڪونه ٿو پوي ته توهان وڌو گوشت کائو ٿا يا ننڍو گوشت پر چربيءَ وارو گوشت مکڻ آلوءَ جا چپس يا فرنيچ فرائي جهڙيون شين کان پرهيز ذيابيطس جي مريض لاءِ فائديمند آهي وڏيڪ مرغن کاڌا ۽ چربيءَ وارو گوشت جيڪو زياده تر تقريبن ۾ هوندو آهي جسم ۾ چربيءَ کي وڌائي ٿو ۽ ٿلهو ڪري ٿو جيڪڏهن چربي يا ڪولسيٽرول پنهنجي مقرر کان وڌي وڃي ته اهو رت جي نالين ۾ جمع ٿيندو رهندو آهي جنهن ڪري جيئن جيئن نانيون سوڙهيون ٿي وينديون آهي. ايتري قدر جو ڪڏهن ڪڏهن بلڪل بند ٿي وينديون آهن جيڪڏهن اهي نليون جسم جي ڪنهن اهم عضوي کي خون پهچائينديون هجن مثلاً دل ۽ دماغ کي ته اهڙيءَ صورت ۾ دل جو دوروبا اڌرنگو به ٿيندو آهي. انهن مڙني ڳالهين جي باوجود ذيابيطس جو مريض هجڻ جو مطلب اهو نه آهي ته توهان انهن تقريبن ۽ محفلن کان لطف اندوز ٿي نه ٿا سگهو يا پنهنجي پسند وارا کاڌا کائي نه ٿا سگهو. توهان جيڪڏهن ايندڙ ڏڻ وارن عيدن، ۽ تقريبن کي نظر ۾ رکندي پهريان کان ئي پنهنجي کاڌي ۾ نشاستيدار شيون ۽ مٺاڻ، ڪيلوريز گهٽ ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي دوا جي مقدار جو ڪاٿو ڪري صحيح غذائي منصوبہ بندي ڪري ڇڏيندا ته توهان به عام ماڻهن وانگر ڏڻ وارن جو مزو ماڻي سگهو ٿا.

انهيءَ سلسلي ۾ توهان پنهنجي ڊاڪٽر سان به مشورو ڪري سگهو ٿا. جيڪو توهان جي غذائي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي توهان جي رهنمائي ڪري سگهندو اهڙيءَ طرح توهان جي پوري ڏينهن جي لاءِ هڪ سٺو لائحہ عمل تجويز ڪندو. ذيابيطس جي مريض لاءِ ضروري آهي ته ڏڻ وارن ۽ دعوتن ۾ پنهنجي بيماريءَ کي نظر ۾ رکندي ٿورو ٿورو کائين ۽ پنهنجي مهمان نواز ميزبانن کي پنهنجي بيماريءَ کان آگاهہ ڪن ته جيئن اُهي توهان جي لاءِ کاڌي جو اهڙو انتظام ڪري سگهن جنهن ۾ مٺاڻ يا توهان کي منع ڪيل شيون گهٽ هجن هيٺ توهان لاءِ ڏڻ وارن ۽ تقريبن ۾ ٿيندڙ بي اعتدالين کان بچڻ لاءِ ڪجهه تجويزون پيش ڪيون ٿا.

جيڪڏهن توهان ذيابطيس جا مريض آهيو ته ڏڻ وارن ۽ دعوتن جي موقعي تي مٺاڻ سٺي ۽ مرغن شين کائڻ کان پاسو ڪريو.

پنهنجي ميزبانن کي پهريائين بيماريءَ کان آگاهہ ڪري ڇڏيو ته جيئن هو اوهان لاءِ بهتر انتظام ڪري سگهن . توهان جا اُهي ميزبان جيڪڏهن توهان کي مٺاڻ کائڻ لاءِ هرويرو زور ڪن ته انهيءَ جو مطلب آهي ته اُهي توهان جا بيوقوف دوست اهي انهن جي چوڻ تي ڪڏهن به نه لڳو توهان پنهنجي مقرر ڪيل غذائي طريقي ڪارتي ڪار بند رهو ۽ انهن سان ٿورن سان گڏ معذرت ڪري ڇڏيو. ميزبانن کي پاڻ کي به گهرجي ته هو ذيابيطس جي مريضن کي مٺاڻ کائڻ لاءِ مجبور نه ڪن.

ڏڻ وارن ۽ دعوتن جي موقعي تي خوشيءَ ۾ پنهنجيون شگر گهٽ ڪرڻ واريون گوريون يا انسولين وٺڻ نه وساريو. پنهنجي رت ۾ کنڊ جي مقدار کي مقرر مقدار جي ويجهو رکڻ جي ڪوشش ڪريو. ياد رکو ته تنظيم زندگي آهي.

# سرطان

# Cancer

## ڊاڪٽر اصغر چنا

”ڪينسر هڪ موذي مرض آهي جنهن مان بچڻ محال آهي“. عام ماڻهو جي ذهن ۾ اها ڳالهه ويٺل آهي، پر تازي تحقيق مان اها ڳالهه پڌري ٿي آهي ته جيڪڏهن ڪينسر جي مرض ٻين مرضن وانگر اڳتي وڌڻ کان روڪجي ته اهو ممڪن آهي ته هن مرض کان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو حاصل ٿي وڃي. ڪجهه وقت اڳ ڪينسر جي سببن جي باري ۾ تمام ٿورو ڪجهه معلوم هيو. 1875ع ڌاري ڪونيم (Cohnheim) جو اهو خيال هيو ته اهو مرض اهڙن خلين (Cells) مان پيدا ٿئي ٿو جيڪي انسان جي پيدائش کان اڳ واري عرصي (Embryonic Life) دوران علحيدگي اختيار ڪري ٿا وڃن ۽ ڪجهه عرصو سست ۽ خاموش رهڻ کانپوءِ پنهنجو ورهاست وارو عمل شروع ڪري ٿا ڇڏين، جنهن جي ڪري ڪينسر جو مرض پيدا ٿيو پوي هن نظرئي مطابق ننڍپڻ واري ڄمار جا ڪجهه ڪينسر ته ٿي سگهن ٿا پر وڏي هڄندي جي مرض کي هن سان ڳنڍي نه ٿو سگهجي.

اسان کي اها ڄاڻ آهي ته ڪجهه ڌنڌن سان ڪينسر جي مرض جو خاص لاڳاپو آهي. مثال طور سنکيو (Arsenic) ۽ قلعي (Nickle) استعمال ڪندڙ ڪارخانن جي مزدورن ۾ ڦڦڙن ۽ چمڙي جي ڪينسر جو امڪان زياده آهي. اها ڄاڻ پڻ رکي ويئي آهي ته ڪجهه خاندانن ۾ ڪجهه ڪينسر جا زياده امڪان آهن. تازي ڄاڻ موجب موجوده موسمي ۽ ماحولياتي اثرن جي ڪري هن مرض جي امڪان ۾ پڻ اضافو ٿئي ٿو. تجرباتي طور جانورن جي مٿان اهڙين شين جي اثرن کي ڏٺو ويو، جنهن مان اها پروڙ پئي ته انڪري انساني ڪينسر به ٿي سگهي ٿو پر هاڻي هر اهو ڪيميائي ۽ طبعي مادو تجربي لاءِ رکيو ويو آهي جيڪو سڌي يا اڻسڌي طرح انسان جي ڪم اچي ٿو يا اچڻ وارو آهي. ان طريقي سان ڪينسر پيدا ڪرڻ وارا مادا زياده کان زياده معلوم ٿيندا ٿا وڃن ۽ انهن کان بچاءَ لاءِ ضروري تدبيرون پڻ اختيار ڪيون پيون وڃن. حقيقت ۾ موجوده زماني جي تحقيقي جستجو اها آهي ته ڪينسر کان انسان کي بچايو وڃي. جنهن نموني دنيا کي اڄ ماتا (Small Pox) ۽ ٻين وچڙندڙ مرضن کان بچايو ويو آهي.

ظاهري طور تي ڪينسر هڪ سئو کان وڌيڪ مختلف حياتياتي ورتاءُ جي طور طريقن (Biological Behaviour) ۾ ڏسجي ٿو، هن مرض جو سماج جي مٿان اثر جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته پنهنجي زندگي ۾ هر چوٿون آمريڪي هن مرض جو شڪار ٿيندو. (1)

(Harrison's Principle Internal Medicine 9th Ed: P-1583)

دنيا ۾ هر ڏهين ڇوڪري زندگي ۾ هڪ دفعو سيني جي ڪينسر جو شڪار ٿيندي.

ان مان اسان کي اهو سمجهڻ کپي ته ڪينسر جو مسئلو ڪيترو نه ڳنڀير آهي ۽ ان کي روڪڻ جي لاءِ ڪيڏي وڏي ۽ اجتماعي جدوجهد جي ضرورت آهي.

هڪ خاص قسم جي ڪينسر پيدا ڪرڻ واري خليي جون خاصيتون عام خليي کان مختلف ٿي وڃن ٿيون. اهي خاصيتون دائمي طور انهي خليي ۾ رهن

**بمبئي جي پارسي طبقي جي عورتن ۾ پڻ هن جيو جهڙو جز زياده ڏٺو ويو آهي، جن ۾ سيني جو سرطان ٻين طبقن کان وڌيڪ آهي**

# ٻارن لاءِ صحيح غذا ۽ بيمارين کان بچڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ

ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ

ٻار جي صحيح نشونما (جسماني ۽ دماغي واڌاري) لاءِ درست ۽ متوازن غذا لازمي آهي. پاڪستان ۾ غذا جي گهٽتائي پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ستر في سيڪڙو ٻارن کي اثر انداز ڪري ٿي، انهن مان صرف ويهه سيڪڙو ايترا ته متاثر هوندا آهن جو رڳو ڏٺي سڃاتي سگهجن ٿا. باقي اهڙا ٻار صرف تور ڪرڻ سان پرکي، سگهجن ٿا. ٻارن ۾ اها غذا جي گهٽتائي بدقسمتي سان ان ڪري وڌيڪ ڏٺي وڃي ٿي جو گهڻي قدر اسان جي ملڪ ۾ متوازن غذا جي باري ۾ صحيح اندازو ئي ڪونهي، ٻار کي کڏهن، ڪيتري، ڪهڙي ۽ ڪيئن غذا کارائجي، اها ڄاڻ نه هئڻ جي برابر آهي. ويتر جديد دور وارن ٻارن لاءِ شين جو استعمال تمام وڌي ويو آهي، جيڪي غذائيت جي رهيل کهيل حال کي ختم ڪريو ڇڏين. ٻار جي غذا جي شروعات در حقيقت ٿيڻ واري ماءُ جي اميد واري کان اڳ ان جي صحت ۽ غذائي حالت تي مدار رکي ٿي يعني هڪ نياڻي جي متوازن ۽ سٺي غذا سندس صحتمندي ۽ متوقع ٻار جي بهتر پيدائشي وزن جي ضمانت ڏي ٿي. اسان جي گهرن ۾ بدقسمتي سان زالفائن ۽ نياڻين جي کاڌي تي ڪوبه ڌيان نه ڏريو ويندو آهي ۽ گهڻي قدر مردن ۽ ڇوڪرن جي پيٽ ۾ گهٽ سٺي ۽ بچت مال کارائبو آهي.

گهرن ۾ عورتن ۽ نياڻين جي سٺي کاڌي کي ترجيح ڏيڻ سان گهرو صحت جا مسئلا گهٽجن ٿا. ٻئي پاسي ڪم ڪار کي منهن ڏيڻ جي سگهه وڌي ٿي. ٻار جي غذا جو ٻيو ذريعو حامله عورت جي غذا ۾ آهي هڪ حامله عورت حقيقت ۾ ٻه ڪم ڪري رهي آهي. هڪ ته روز مره جي گهرو ڪم ڪار کي منهن ڏيڻ ۽ ٻئي طرف وڌندڙ ويجهندڙ زندگي جي لاءِ غذائيت مهيا ڪرڻ. انهي واڌو ڪم جو احساس رکي اميد واري جي صورت ۾ حامله عورت جي غذا تي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. غذا جي هر شئي مثلاً ڀاڄيون، ميوا، لسي، ڏهي، کير، بيضا، ڪڪڙ، دال، گوشت، مڇي ۽ کٽڪ مان ٿورو گهڻو هفتي ۾ واري ڦيري کارائڻ ڪري ضروري مقدار ۾ نشاستو حياتيات ۽ چربي ڪانسواءِ مختلف وٽامن ۽ معدني جزا ملن ٿا، جيڪي ماءُ جي صحت ۽ ٻار جي سٺي واڌ لاءِ ڪهربل آهن. عام طرح زندگي ۾ ابتڙ وهندڙ گنگا وارو حال ڏٺو ويو آهي بيمارن، حامله عورتن ۽ ٿڃ پياريندڙ عورتن کي ڪري يا رک ڪرائي ويندي آهي نتيجاً ضرورت وارن غذائي جزن ۾ اڃا به وڌيڪ گهٽتائي اچيو وڃي. بيمارين جا مختلف روپ روز بروز ظاهر ٿيڻ شروع ٿيو وڃن. ڪم ڪرڻ جي سگهه بتدريج ختم ٿيندي ويندي ۽ ايندڙ ٻار جي واڌ ويجهه ۾ گهٽتائي اچيو وڃي جنهن ڪري پيدائشي وزن به گهٽ ٿئي ٿو. پيدائش وقت ٻار جو وزن ماءُ جي صحت ۽ غذا جو آئيندار آهي.

ٻار جي هن دنيا ۾ وارد ٿيڻ تي قدرت هڪ مڪمل غذا ماءُ جي ٿڃ جي روپ ۾ مهيا ڪري ٿي. شروع وارن ڇهن مهينن جي انتهائي خاص ۽ تيز واڌ لاءِ قدرت انسان جي عقلمندي ۽ فهم تي ڪونه ڀاڙيو آهي. جديد سائنسي دور ڏينهون ڏينهن وڌيڪ ثبوت مهيا ڪري رهيو آهي ته ماءُ جي کير ۾ اها شئي ۽ وڌيڪ جزا موجود آهن جيڪي ٻار جي واڌ ويجهه لاءِ ضروري آهن. شروع جي ڇهن مهينن تائين ٻي ڪنهن به غذا يا دوا جي ضرورت نه آهي. پر پاڻي جي به گهرج نه آهي. ستي، دکو، گرائيپ واٽر، نونهال ۽ ڦڪي جهڙيون شيون نه رڳو غير ضروري آهي پر حقيقت ۾ گهڻن ئي ٻارن جي مسئلن جو بنياد ٿين ٿيون. ٿڃ جي افاديت ۽ سلسلي جاري رکڻ لاءِ قسمن جي نشاندهي گذريل شماري ۾ توهان آڏو پيش ڪري چڪا آهيون. انهن تي عمل ڪرڻ جي صورت ۾ نه کوٽ پئدا ٿيندي ۽ نه ڪمزوري، ڇهن مهينن جي

**پاڪستان ۾ غذا جي گهٽتائي پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ستر في سيڪڙو ٻارن کي اثر انداز ڪري ٿي، انهن مان صرف ويهه سيڪڙو ايترا ته متاثر هوندا آهن جو رڳو ڏٺي سڃاتي سگهجن ٿا**

ایبٹ کی جانب سے

# فائبریڈ ®

اسپغول اور گندم کے چوکر کا مرکّب

## قبض سے بچاؤ کا سہل اور مؤثر ذریعہ

غیر متوازن غذا قبض کا ایک بڑا سبب!

**فائبریڈ**

قبض سے بچاؤ کے لئے

قبض سے فطری بچاؤ حاصل کیجئے۔
روزانہ دو چمچے فائبریڈ لیجئے۔




A PRODUCT OF GENERAL HEALTH CARE DIVISION
ABBOTT LABORATORIES (PAKISTAN) LTD
LANDHI, KARACHI

خبردار، تمام دوائیں بچوں کی پہنچ سے دور رکھیں۔
اگر علامات برقرار رہیں تو ڈاکٹر سے رجوع کریں۔

P.P.S.C. REGN. NO. SS-905

اوهان جي دنيا کي تباه ڪرڻ لاءِ
هاڻي ڪنهن آفت جي ضرورت ڪونهي



پنهن جي دنيا کي پاڻ آلودگيءَ کان بچايو

# E P A SINDH

Environmental Protection Agency, Government of Sindh.